## مختصر سوانح حيات مرحوم
## ” مننارفقير راڄڙ“

واديءِ مهراڻ جو مردم خيز خطو ازل کان ئي افضل رهندو آيو آهي اهڙا هيرا ۽ جواهر پيدا ڪيا اٿس جو ڪوبہ انهن جو مُلھ ڪٿي نٿو سگهي . سائين مننار فقير راڄڙ بہ انهن مان هڪ آهي

## راڄڙ قوم جي مختصر تاريخ

راڄڙ قوم سنڌ جي قديم سمان قوم جي هڪ شاخ آهي شجري موجب 14 هاشم سان 20 راڄڙ سان 29 لاکي ڦلاڻي سان(مشهور سخي ڏاتار)42سمي سان ملي ٿي

## فقير صاحب جا وڏا

فقير صاحب جا وڏا اصل جيسلمير رياست جا رهندڙ هئا ، پاڻ پاڳيا مالوند ماڻهو هئا ، سندن گذر سفر مال تي هو جيئن تہ جيسلمير واريا‌سو علائقو آهي لاڳيتن مينهن نہ پوڻ ۽ خشڪ سالي جي ڪري پنهنجي مال متاع سميت اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. (اهو وقت ميرن جي صاحبي وارو هو) ۽ موجوده ڳوٺ ڪاٺي راڄڙ ۾ اچي آباد ٿيا. فقير صاحب جن جا وڏا اصل ڪانئي ، قبلہ حضرت مخدوم نوح رحمت الله عليہ جا مريد هئا ، انهن مان بہ فقير وڏا درويش اڳ بہ ٿي گذريا آهن (1) مهراڻ فقير راڄڙ ڪنگور جيسلمير انديا ،۽ ٻيو (2) سائين مننار فقير راڄر.

## انگريزن جي دور ۾

مهراڻ فقير راڄڙ ڳوٺ ڪنگور جو رهندڙ هو شروعات ۾ مشهور ڌاڙيل هو هڪ رات ڌاڙو هڻي موٽيو ، ڏسي تہ هڪ ( لڏو) يعني مسافر فيملي پاڻي نہ ملڻ ڪري اڃ جي شدت کان بيحال آهي ۽ انهن مان بہ ماڻهوڪجھ نيڪ حالت ۾ هئا. پاڻ انهن کان پڇيائين تہ توهين ڪير

آهيو، انهن ٻڌايو تہ اسين پيل آهيون پاڻي نہ ملڻ ڪري تنگ ٿي پيا آهيون .
پاڻ انهن کان سانداري " مشق " وٺي ڪين هڪ ويجهو تڙ "کوه"سڃهندو هوئن ان تان پاڻي ڀري اچي ، سڄي لڏي کي پياريئون ۽انهن کي چيائون تہ مونکي دُعا ڪريو لڏي وارن چيو تہ اسان جون دُعائون توساڻ آهين . پاڻ اتان روانا ٿيا ، اڳتي وڃي اهو خيال آين تہ آئون هڪ لڏي کي پاڻي پياري انهن جي جان بچايم ، ۽ ٻين ڪيترن ئي بيگناهن جو مال کاهيو پيو وڃان . اهو خيال ڪري پوئتي موٽيا تہ اڌ پنڌ تي اها واهر گڏين پاڻ سڀ مال انهن کي ڏئي انهن کان معافي ورتائين . ۽ پاڻ اتان سڌو جبل ڏي هليا جتي هڪ درويش رهندو هو ان وٽ پهتا .
زمين سروي ٿي تہ فقير صاحب جي وڏن کي بہ ڪافي زمين ملي.
فقير صاحب جن جو والد وڏيرو قبول محمد پنهنجي راڄ جو چڱون مڙس هو ، فقير صاحب جن جي ولادت باسعادت ، مننار فقير جي ولادت کان اڳ وڏيري قبول محمد کي بہ فرزند هئا هڪ ميان پرچي ٻيو ميان حافظ . ان کان پوءِ وڏيري قبول محمد کي ٻيو ڪوبہ نرينہ اولاد ڪون هو. هڪ دفع حضرت مخدوم امين محمد " پڪن ڏٺي " رحمتہ الله عليہ ناري جي سفر تي نڪتا ۽ ڪاٺي راڄڙ ۾ وڏيري قبول محمد جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا . اُن ڪين چيو تہ هتي ڪجھ ڪونہ ٿيندو توهان پنهنجي مرشد وٽ وڃو، چيائين تہ منهنجو مُرشد ڪٿي آهي ، هُن چيو اولھ طرف ڏي ، هو وڻ ڏسين ٿو اهي هالن جون نمون اٿئي پوءِ مهراڻ فقير هالا شريف وٺي ويو ۽ فيض پرايائين.

مننار فقير ڪنگور وارو هي مهراڻ فقير جو پوٽو هو وڏو درويش ٿي گذريو آهي جنهن جي چونڪي اڄ تائين مشهور آهي . اڃا تائين ڀاڳيا ماڻهو وڃايل يا جهنگ ۾ رهجي ويل مال جي لاءِ هيئن چوندا آهن. تہ ڪين پنهنجو مال سلامت ملندو آهي هوئن بہ ماڻهو چوڪي ڏيندا آهن ( فقير مننار تنهنجي چوڪي آهي چوڏار ، لوھ جو ڪڙو رُڪ جي واڙ )
مننار فقير ڪنگور واري جي وصال جو سال ۽ مننار فقير ڪاٺي واري جي ولادت جو سال ساڳيو آهي تہ الله سائين نيڪ ۽ صالح فرزند ڏي. سندن دُعا جواثر ٿيو ۽ پوءِ جلد ئي فقير صاحب جن تولد ٿيا ۽ سندن

نالو مننار رکيو ويو ، فقير صاحب جي ولادت جو سن متفق روايتن موجب 1865ع آهي

## ٻالجتي

جئين تہ فقير صاحب پنهنجي والدين جا ننڍا فرزند هئا تنهنڪري ڪيس گهر ۾ لاڏ ڪوڏ سان نپايو ويو پاڻ ننڍي هوندي کان حليم سلڇڻا ۽ هد کان وڏيڪ خوبصورت هئا، ليڪن کين ظاهري تعليم بلڪل ڪانہ ملي ڇو جو ان وقت تعليم عام مروج ڪانہ هئي پاڻ جڏهن ڳالهائڻ لائق ٿيا تہ امومن هڪ ڏهر جا ڪجھ لفظ آلاپيندا هئا

فقير صاحب جي ولادت کان ڪجھ ڏيهن پوءِ هڪڙا چار درويش دروازي تي آيا ۽ اچي صدا هنيائون تہ جيجان اسان کي ڏاڏي جي زيارت ڪراءِ اهڙي طرح ٽي دفعا اها صدا هڻندا رهيا ، فقير صاحب جي والده فقير صاحب کي پينگهي مان ڪڍي دروازي تي آئي ، ۽ انهن مان وڏي فقير ٻارڙي کي هنج ۾ ورتي ۽ وات ۾ پڪ وجهي هئين چئي روانا ٿيا تہ هي مننار فقير ڪنگور وارو هتي آيو آهي هن جو ادب ڪجو هي دنيا ۾ مشهور ٿيندو.

## جواني ديواني

جڏهن پاڻ سن بلوغت کي رسيا تہ اڪثر گوشہ نشين رهندا هئا ۽ تمام گهٽ ڳالهائيندا هئا جيڪڏهن ڪا ڳالھ چوندا هئا تہ شعر ۾ چئي ويندا هئا ، سندن طاقت ۽ جواني جو اندازو هن ڳالھ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪيترائي پيرا سرحل واھ جيڪو فقير صاحب جي ڳوٺ کان هڪ ميل تي آهي پنجويھ ٽيھ فوٽ ويڪرو آهي واھ تان ٽپي ويندا هئا خوشحالي طاقت ۽ زميندارِي هوندي هئي پر سندن طبيعت ۾ غرور ۽ تڪبر نہ آيو هڪ دفع سندن ياءُ ميان پرچي کين چيو تہ فلاڻي ڪڙيي تي وجي بٽئي ڪري اچو انهي ڪڙيي جي سار سنڀار بہ سندن هٿ هيٺ هئي پاڻ هارين جو حصو هارين کي ڏنائون باقي سڀ غريبن ۾ ورهائي ڇڏيائون انهي واقعي مان سندن دنيا سان لاطمعي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

# ذکر بيعت

جئين تہ سندن وڏا اصل کان ئي حضرت مخدوم نوح عليہ رحمتہ جن جا مريد هئا ۽ پاڻ بہ حضرت پکن ڏٽي عليہ رحمتہ جي دعا سان تولد ٿيا هئا جڏهن حضرت پکن ڏٽي رحمتہ اللہ عليہ ”راهوند“ راهوند هالا شريف کان اوپر طرف ڏيڍ ميل پنڌ تي آهي ان وقت اُتي تمام گهڻو گهاٽو جهنگ هو ، اُتي جنگهلي جانور بہ گهڻا رهندا هئا راهوند کي پکا شريف پڻ چيو ويندو آهي ڇاڪاڻ تہ پاڻ اُتي پکا اڏي عبادت ۽ زيارت ۾ مشغول رهيا ان ڪري کين پکن ڏٽي پڻ چيو ويندو آهي . پاڻ حضرت پکن ڏٽي رحمتہ اللہ عليہ جن جوڳ پڇائڻ لاءِ چلا ڪشي ڪري رهيا هئا ۽ اها خبر جماعت ۾ عام ٿي ويئي هئي . حضرت پکن ڏٽي رحمتہ اللہ عليہ جڏهن جوڳ پڇائي واپس هالا شريف پهتا تہ جماعتون هال شريف زيارت لاءِ روانيون ٿيون ، فقير صاحب جن بہ هال شريف روانا ٿيا اُتي کين اهو خيال آيو تہ ذکر بيعت وقت حضرت پکن ڏٽي رحمتہ اللہ عليہ جي حاضري ۾ هڪ سيّد هو، پاڻ ان کي چيائون تہ آئون ذکر وٺندس ان سادات جواب ڏنو تہ ذکر بند آهي . فقير صاحب کين چيو تہ مون تي مهرباني ٿئي شاهہ صاحب چيو تہ ڇوڪرا تون ڪير آهين پاڻ چيائون تہ آئون راڄڙ آهيان ۽ ناري ۾ رهان ٿو . شاهہ چيو تہ آئون وڃي ٿو عرض ڪريان پوءِ ڪٿن تنهنجا ڀاڳ شاهہ صاحب وڃي حضرت پکن ڏٽي رحمتہ اللہ عليہ کي عرض ڪيو پاڻ يڪدم پڇيائون تہ ڪير آهي ، شاهہ صاحب وراڻيو تہ راڄڙ آهي پاڻ فرمايائون تہ ڪٿي جو آهي شاهہ صاحب چيو تہ ٿري ڇوڪرو آهي ، پاڻ چيائون تہ سڏ ڪريو . شاهہ صاحب يڪدم سڏ ڪيو فقير صاحب جن آيا ۽ حضرت پکن ڏٽي رحمتہ اللہ عليہ نظرون ملائي کين ذکر تحليل ڏنائون . پاڻ ذکر تحليل وٺي واپس ٿيا تہ شاهہ صاحب ۽ سڀني جماعت کين مبارڪ ڏني تہ ڇوڪرا تون وڏي قسمت وارو آهين ، جو سڀن کان پهرين ذکر ورتو اٿئي ۽ پاڻ واپس ڳوٺ پهتا

## سندن شادي

انهي سال فقير صاحب جي پائرن ميان پرچي ۽ ميان حافظ پنهنجي برادر مان فقير صاحب جي شادي ڪرائي .
هڪ دفعي مخدوم امين محمد سائين جن ناري جي سفر تي نڪتا ۽ پاڻ راڙ ۾ صحب چانهيون جيڪو حاجي عثمان چانهين ڪپري واري جو ڏاڏو هو. ( سندن ڀاءُ حافظ به هڪ درويش ٿي گذريو آهي) انهن جي دعوت تي پهتا ته ڪين واپس هالا شريف وڃڻ جو اشارو مليو پاڻ تياري ڪيائون اها خبر سڄي جماعت ۾ پکڙجي ويئي ڪافي ماڻهو رستا وٺي زيارت لاءِ بيٺا . فقير صاحب جن زيارت لاءِ نه وڃين سگهيا ڇو جو سندن وڏي ڀاءُ ميان محمد حافظ جي طبيعت ناچاڪ هوئي . پکن ڏٺي جيئن واپس هالا شريف پهتا ته جلد ئي بقا جي مُلڪ ڏي روانا ٿيا ، انهي واقعي جو فقير صاحب جن تي وڏو اثر پيو.

## عشق جي چوٽ

فقير منٺار اڃان جواني ۾ مس رسيو ته حضرت عشق جي لپيٽ ۾ اهڙو سوگهو ٿيو جو مڙس عشق جي چنبن ۾ ڦاسي پيو.
حقيقت هئين آهي ته ، ذات جا ڀيل ڳوٺ ڊيڳاري ذات لهڙيا تعلقو سودرو (جيڪو هينئر هندستان انديا ۾ آهي) مزدوري سانگي ڳوٺ ڪاٺي ۾ اچي وينا انهن ۾ هڪ ڇوڪري جيڪا صورت ۽ سيرت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي جنهن جي به ان ڇوڪري تي نظر تي پئي ، ته اهو پنهنجي پر ۾ مٽس ڇڪن ٿي تي پيو اُن ناز پري صورت تي اٺڪل چاونجاه ڄڻا عاشق ٿيا. فقير صاحب جو هڪ شعر آهي جنهن ۾ چاونجاه ڄڻن جا نالا آيل آهن پر افسوس جو پورو شعر هٿ نه اچي سگهيو صرف چند سٽون مليون .

اڇي ساماٽي اوچتي ناز پري نينگر
جنهن تي مڙئي عاشق ٿيا چاونجاه چوڪر
مهت مليو منٺار کي جنهن ڇيهو ڪيو چوڪر

فقير صاحب به انهن چاونجاه ڄڻن مان هڪ هو گويا اها هڪ عشق جي بازي هئي ڪنڻ هارائڻ ٻين جي هٿ ۾ هو. فقير صاحب جو هڪ شعر

انهي حقيقت جي عڪاسي ڪري ٿو، عشق بادشاھ آهي بادشاهن ڪي تخت ڇڏائي عاقلن ڪي ناچو ڪري نچايو اٿس ، فقير صاحب جي حوالي جيڪو ڪڙيو هو ان جي سموري پيدائش پيلن جي حوالي ٿي .

آخر اهو وقت آيو جو فقير صاحب ڪي پهريون انجام مليو ، پاڻ اتي پهتا ۽ مائي بہ انجام مطابق آئي ۽ پاڻ بہ ڏسڻ پسڻ ۾ موهت ٿي ويا تان جو رات جا اٽڪل (3) ٿي اچي ٿيا ، اتي ڪين نفساتي خواهش ٿي ، تہ ڪين اُنن ۽ گهوڙن جي هلڻ ۽ ذڪر ڪلمي جي تنوار ٻڌڻ ۾ آئي ، جي سڌا پاڻ ڏانهن پي آيا ، ۽ اهو آواز ٻڌائون تہ مخدوم امين محّمد سائين جن اچي رهيا آهن ۽ پاڻ هڪدم اٿيا ۽ مائي ڪي چيائون تہ وري سڀاڻي ملنداسون اڄ مهنجو مُرشد اچي رهيو آهي ۽ پاڻ واپس وريا ۽ سڄو ڏينهن انهي ڳالھ تي سوچيندا رهيا تہ مرشد سائين تہ دارالبقا ڏانهن ويا آهن . هي ماجرا ڇا آهي آخر وري ٻي رات ٿي ۽ وري انجام تي ويا ۽ مائي بہ آئي ۽ وري ساڳئي وقت تي ڪين نفسياتي خواهش ٿي تہ وري ساڳيا اُٺ ساڳيا گهوڙا ۽ ساڳئي ذڪر ۽ ڪلمي جي تنوار .

پاڻ چيائون تہ انجام واري جاءِ مٿائجي ۽ سڀاڻ رات وري ٻي جاءِ تي ملنداسون ، ائين چئي پاڻ روانا ٿيا ۽ ٻيو ڏينهن بہ انهي خيالن ۾ رهيا تہ هي آهي ڇا . آخر ٽي رات بہ ساڳي حالت ٿي ۽ صبوح جو پيلن لڏو ڪنيو، واپس پنهنجي ملڪ روانا ٿيا ۽ فقير صاحب جن بہ پيڇو ڪيو ، رات ٿي لڏي ڍابو ڪيو ، فقير صاحب جن بہ ڪنهن ڪٻڙي هيٺان سمهي رهيا ، صبح جو لڏو ناري جو آباد علائقو ڇڏي ٿر جي وارياسي علائقي ۾ روانا ٿيا ۽ پاڻ نا اميد ٿي واپس وريا ۽ اچي جتي هينئر سندن درگاھ آهي اُتي ويهي رهيا ، پاڻ سڄي رات نفسياتي خيالن ۾ رهيا ۽ پوئين رات ساڳئين وقت تي ڪين ننڊ جي جهير آئي ، خواب ۾ ڇا ڏسن تہ حضرت پڪن ڏٽي رحمتہ الله عليہ گهوڙي تي چڙهي اچي رهيا آهن ۽ پاڻ اُتي گهوڙو ورتائون سائن لهي فرمايو تہ گهوڙي ڪي ڇڏي ڏيو توهين هيڏانهن اچو ۽ پاڻ اچي جتي فقير صاحب ويٺا هئا اتي ويٺا ۽ هڪ ڪتاب ڪڍي فقير صاحب ڪي ڏنائون تہ پڙھ پاڻ جواب ۾ عرض ڪيائون تہ قبلہ سائين آئون پڙهيل ڪونہ آهيان ، پاڻ فرمايائون تہ پڙھ اسين توکي پڙهايون ٿا ۽ پاڻ ڪتاب جي هر هڪ سٽ تي اگر رکي

پڙهندا ويا ۽ فقير صاحب پنيان پڙهندو رهيو فقير صاحب کي هي
ڪلام پڙها يائون .

ٿلهه :       لاهي ويهه مَ لڏ هل تہ پهچين هوت کي

1 ڪم نہ ايندئي ڪيچ ري ڪا ٻي اڏاوت اڏ
2 ڀنيا هن ڀنيور جا نيئي رسائيندئي ڪڏ
3 ٻانيڻ عشق ٻروچ جو بينو ڪرئي سڏ
4 هل تہ ڪيچ قبول ٿئين هت رلاءِ مَ هڏ
5متان منجهين "مننار " تون ڏينهن وجنئي ٽا ڏڏ

اهو ڪلام پڙهائڻ کان پوءِ ڪتاب ڏيئي فرمايائون تہ هاڻ اسين اوهان سان گڏ آهيون ماشا الله ۽ پاڻ گهوڙي تي سوار ٿيا ۽ جتي هينئر سندن مزار آهي اتي اچي فرمايائون تہ هي اوهان جو مڪان ميخانو آهي ۽ پاڻ روانا ٿيا . فقير صاحب جن گهوڙي جي واڳ وني اڳ ۾ ڊڪندا هليا ۽ انهي حالت ۾ سندن اک کُلي تہ پاڻ کي پگهر ۾ شم ڏٺائون صبح جو اکر شناس ٿي پيا ۽ ڀٽائي صاحب جو رسالو رواني سان پڙهڻ لڳا ۽ پاڻ شعر چوڻ بہ شروع ڪيائون جو لکندا بہ پاڻ هُيا ۽ پڙهندا بہ هيا جيڪو بہ شعر هڪ دفعوزبان مان نڪرندو هو تہ اهو دل تي چيچي ويندو هو پاڻ افاقي ۽ الهامي شاعر ٿي پيا ۽ مٿن مستي جو جذبو وارد ٿيو جو جڏهن بہ ننڊ جي جهير ايندي هُين تہ حضرت پکن ڏٽي رحمتہ الله عليہ جن جي زيارت ٿيندي هئي ۽ وري انهي جذب ۽ (سيرسياحت)جلال ۾ اچي ويندا هئا. فقير صاحب جن پوءِ سگهوئي دائود فقير سان گڏ سودري روانا ٿيا سودري پهچڻ کان پوءِ فقير صاحب انهن ڀيلن وٽ ويو ۽ ڀيل فقير صاحب جن جا طالب ٿيا ۽ خدمت ڪرڻ لڳا ۽ پوءِ پاڻ اتان اجمير شريف روانا ٿيا جتي خواجہ غريب نواز جي زيارت کان مستفيض ٿيا .

## سندن وفات

جئين تہ فقير صاحب جن پنهنجي حياتي ۾ پنهنجو مقبرو ۽ ان جي لحد مبارڪ ٺهرايو هئائون ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ وقت اُن ۾ سمهندا بہ هئا ان مان ثابت آهي تہ پاڻ موت کي هر وقت ياد رکندا هئا.

(1)هڪ شوال سن 1353هجري عيد الفطر نماز پڙهي عزيز اقارب ۽ سڀ جماعت کي مڪان تي وني آيا ۽ پنهنجي آخري آرام گاهہ تي ويهي ڪين چيائون تہ هي جاءِ اسان جي آخري جاءِ آهي ۽ پاسن ۾ بہ جايون ٽينديون جيڪي آئون پنهنجي ٻنهي پوٽن کي ڏيان ٿو . ڇو جو سندن فرزند سندن حياتي ۾ وفات ڪري ويو هو تنهن ڪري ، سندن وڏي پاٽتي حاجي مير حسن ڪين چيو تہ الله سائين توهان کي وڏي حياتي عطاڪي اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿا ڪريو . پاڻ فرمائيائون تہ آئون هاڻي توهان وٽ صرف ڏهہ ڏينهن آهيان مون گهُري محرم جي ڏهين تاريخ هئي پر هاڻ ٿي شوال جي ڏهين ، جيئين تہ پاڻ پنهنجي هڪ مرثئي ۾ چيو اٿن .

ماهہ محرم جي ڏهين تاريخ تي شل دم ڏيان
حُب رکي حُسنين ڏي روئندي هتان راهي ٿيان

نائين شوال تي ڪين معمولي بخار آيو ۽ پاڻ شام جي وقت پنهنجي سيني عزيزن ۽ ڳوٺ وارن کي گهُرايائون ۽ ڪين چيائون اسان کي پنهنجي مُلڪ وڃڻ جي خوشي آهي ۽ پُنيان روئجو متان ۽ نيڪ نصيحتون ۽ دعائون ڪيائون سومهڻي مهل سيني کي چيائون تہ هاڻي وڃي آرام ڪريو اسين بہ آرام ٿا ڪريون . ٻيا سڀ ويا هليا ليڪن سندن وڏو پوٽو فقير ولي بخش مرحوم کان پڇيائون تہ رات ڪيتري آهي، پاڻ جواب ڏنائون تہ پهر ڪن رات آهي پاڻ وضُو ڪيائون ۽ فقير ولي بخش مرحوم کي چيائون تہ ڪير پياريو . ان وقت فقير ولي بخش جن ڪين ڪير آڻي ڏنو پاڻ ڪير پي سولا ٿي سُتا ۽ چيائون تہ هاڻ اسان جي مٿان ٿيڙ وجهي ڇڏيو ۽ پاڻ ڪلمون پڙهڻ شروع ڪيائون ۽ ڪلمي پڙهندي پڙهندي سندن دم پرواز ٿي ويو ( انا الله و انا عليہ راجعون)

## سندن شاعري

مننار فقير جو شعر آفاقي ۽ اِلهامي آهي . مننار شعر جي ڪيترن ئي صنفن ۾ ڪلام چيو آهي جئين تہ ڪافي ، بيت ، مدح مولود مناجات، مرثيو ، ڏهر ثي حرفي لولي وغيره هتي اسين هي ڳالھ فخر سان لکون ٿا تہ سڄي سنڌ جي گڏريل شاعرن مان ڪلام جي تعداد تي نظر وجهبي تہ سچل سرمست کان پوءِ ٻيو نمبر مننار فقير کي ڏبو تہ وڏاءُ نہ ٿيندو پاڻ چار رسالا مڪمل چڏيا اٿن.

1رسالو خدائي ڇپجي چڪو آهي . جنهن مان هي ڪجھ بيت آئون وائس آف سنڌ کي موڪلي رهيو آهيان اهي بيت رسالي خدائي جي 700صفن مان صرف 22 صفن تي مشتمل سمجهو تہ سمپل طور توهان جي آڏو پيش ڪري رهو آهيان تمام مختصر بيت .

2 رسالو مرتضائي . سوبہ ٻيو دفعو ڇپجي ڪو آهي

3 رسالو رهنمائي .اهو بہ ٻيو دفعو سروري پبليڪيشن طرفان ڇپيو آهي

4 رسالو سدائي جيڪو قلمي صورت ۾ موجود آهي

سندن ڪيترو ئي ڪلام قلمبند نہ ٿي سگهيو ۽ عام محفلن ۾ ٻڌ جي ٿو جنهن جي گڏ ڪرڻ لاءِ ڪوشش جاري آهي .

اِلهامي شاعر مننار فقير جي شاعري مان ڪجھ بيت هيٺ ڏجن ٿا.

## شاعر مننار فقير راڄڙ
## (ڪاٽي)
## بيت

1

اول نام الله جو ، جو خالق خالقڻهار
قادر رب ڪريم ، سو جل جلال جبار
وصف ۽ واکاڻ کان آهي پري تنهنجو پار
ڳڻي ڳڻيندو ڪيترا ، ان جا معجزا "مننار"
صاحب رب ستار ، ٿيو راضي رب رسول تي

2

ٿيو راضي رب رسول تي ، محمّد لڌو مان
مَلڪن ڪان ٻہ مٿي ڪيئين تنهن سيّد سندو شان
پيدا سندس نور ٿيو جمع سڀ جهان
سج چنڊ تارا ڪتِيون عرش زمينون آسمان
سڀئي سوالي سَيّد جا تنهن در گهرن دان
”مننار“ ٻہ منگتو تنهن جو آهي پٿ ڳائيندڙ پان
او آخرآهہ ضمان ڪريم ڏينهن قيام جي

3

واري ڳول وجود ۾ تہ تو ۾ ٻولي ڪير
مجهئي تيرت تڪيو تون پري پاءِ ۾ پير
الانسان سري واناسره جنهن منجهہ ڦند نہ ڦير
متان منجهين ”مننار“ تون ڇڏ ٻولي جو پير
سمجهي لهج سوير تہ الڪ تو هي ڪي اوڏڙو

4

الڪہ تو هي ڪي اوڏڙو تون پري پير ۾ پاءِ
تو ۾ سر سميع جو تون دئوڙي دل سين لاءِ
ونحن اقرب اوڏڙو الڪہ توهي ڪي آهہ
”مننار“ پنهنجي من جي هئن ڪي هٿاءِ
غير غئين جو لاهہ تہ عين وجي اثبات ٿئي

5

عين وجي اثبات ٿئي جنهن منجهہ حال حلاج
پاڻ پسڻ ڪان پري ٿيئي تڏهن صورت سرتاج
غير جنهن سين گم ٿئي اهو ڪر علاج
تہ ڏاتر بخشئي ڏاج ، ڪٺي مردن جي منزل جو

6

مردن جي منزل ۾ چڙھ لاڳاپا لاھي
تنھنجو ڪم ڪريم سين پوءِ دنيا سان ڇاھي
فاذڪروني اُذ ڪر ڪم ، وڃ قرب منجھئون ڪاھي
مٿو محبوبن ڪي ڏج سر سنت لاھي
اھو مرڪ آھي محبتين مننار چئي

7

محبتي مننار چئي انھي ريت رھن
جو پسڻ ڪارڻ پرين جي ٿا سر صدقي ڪن
باغ بھشت جا جنتون ترڪ ڏنائون تن
طالب الدنيا مخنث ڪر خلق ڦٿو ڪدڙن
طالب المولىٰ مذڪر تيءُ مرد منجھان مردن
سچاڻج حرف حديث جو ائين چيو محبوبن
محبت ۾ "مننار" تون ڏج پساہ پرين
جيڪي انھيءَ اھنجاڻ عاشق چئجي اُن ڪي

8

ڪر ياد پنھنجي رب ڪي جنھن توڪي اُپايو
مٿي سنديءَ مُٺ مان توڪي باري بنايو
پوءِ پاڻيءَ مان پيدا ڪري توڪي ھادي ھلايو
ھنر حرفت ڪيتري توڪي صاحب سيکاريو
"مننار" پنھنجي من سين سو سدا ساراھيو
ڳايو وجايو ڪج تعريفون تنھن رب جون

9

ڪر ياد پنھنجي رب ڪي جنھن جوڙيو سڀ جھان
سيـــئي عالم اُن جو ھندو مسلمــــــان
"مننار" مالڪ آھي راحم ڏاڍي رحمــــــــان
ساراھي سبحان ڪر تعريفون تنھن رب جون

10

کر ياد پنهنجي رب کي تون وسئون ڪيم وسار
جان جان آهين جيئرو تان تان تند تنوار
دنيا سڀ ترڪڻ تال اٿئي غفلت ۾ م گذار
مُئي سندي مننار تون هستي مڙئي هار
ڏينهن اٿئي ٻه چار اُتي اور الله سين

11

کر ياد پنهنجي رب کي اندر ساهه پساهه
بنا ياد يار جي تنهنجو ٻيو نہ وسيلو واهه
اِن ويسر سندي وير ۾ لکين ٿيا گمراهه
تون تون سندي تسبي مننار پڙهه مداهه
هو هو کر همراهه تہ وڃين سفر ۾ سکيو ٿي

12
هت حاکم اڳِ ٻہ هزار هئا پر کهہ تہ ويا ڪاڏانهن
هرگز هت نہ رهڻو تون ٻہ ويندي تاڏانهن
”مننار“ پنهنجي من سين جن سڄاتو الله
سرهو ٿئي ساهه جڳ جڳ رهن جيئرا

13
واهه قدرت واحد سندئي چئو قبلي چوڏارا
ڪئين زمين ڪئين فلڪي سج چنڊ ڪتيون تارا
جيڪي خلقي خلقڻهارا ۽ سو معلوم اٿئي مننار چئي

14

واحد وڏائي تنهنجي جا مون آهي لائي من
تہ هادي تنهنجي حڪم سان اڪيون ٿيون ڏسن
تہ هي جي ڪن ڪپار جا سببا تو سڻن
زبان تنهنجي زور سين چپ ڏند تا چرن
اگڙا تنهنجي احسان سين هٿ پير تا هلن
جڏهن صاحب ساهہ ڪسيو وني تڏهين بازيون بسم ٿين
وجيو مٿي گڏجي مٿي سين منجهہ واري جي وِرڪن
يا موليٰ "مننار" چئي تون آهين قادر ڏٺي ڪُلن
ڳِٺي چا ڳِٺجن ڪئين عجب تنهنجا اهڙا

15

توريءَسرت نہ سمجهہ ڪا توريءَ نہ ٿئي اُڪلاءُ
توريءَڪنڌي منهنجي ڪانہ ڪا توريءَنہ وسيلو واهہ
يا موليٰ "مننار" چئي تون هادي ٿيءُ همراهہ
آهين تون الله ڪُل قدرت جو ڏڻـــــــــــي

16

ڪلمي جي ڪنجيءَ سان ڪرُف قلب جو ڪول
سٿون سڪ جي سور جون اندر ٻاهر ٻول
فاذ ڪروني اذڪر ڪم دل ترازيءَ تول
"مننار" مالڪ ملڪ جو آهي قادر تنهنجي ڪول
ڳوٿ وسيون مَ ڳول الڪہ تنهنجي اندر ۾

17

الڪہ تنهنجي اندر ۾ صاحب رب ستار
ونحن اقرب اليهہ من حبل الوريد ۽ ڪر انهي آيت اعتبار
مننار موڳائي ڇڏي پنهنجو هُوش ڪجان هُشيار
تہ واحد تو ڪان وار ۽ پرور پري ڪين ڪي

18

پرور پري ڪين ڪي توڪان رازق رب رحيم
آهي ڪک پن ۾ ڪلتار سو قادر پاڻ ڪريم
والله بڪل شيءَ محيط ٿو آگو چوي عليم
جي " مننار" سڃاڻي ميم تہ احد توڪي عين ٿئي

19

احد توڪي عين ٿئي هوند چئو قبلي چوڏار
ٿي موتو قبل انت موتو تہ لهي مرڻ ميار
الانسان سري وانا سره اِيءَ معنيٰ ڏس مننار
تہ تون پڻ تند تنوار هي هو هادي هيڪڙو

20

هي هو هادي هيڪڙو جان ڪيو مطالع مون
ڪلمون لاالله الاالله جو پڙهي پروڙيو سون
تہ ريءَ خدا ٻيو ناھ ڪي جنهن ڪي چئجي ڏون
آءُ پڻ آهيان ڪين ڪي تون رب آهين تون
" مننار " پنهنجي من مان ماري ڇڏج مون
عرش آسمان ٻون ، آهي هونگ مڙيائي هيڪڙي

21

بحر بلاول جو چڙهيو دل متي درياھ
موج متاهين ٿو ڪري البيلو اوڙاھ
واقف گهرجي وير جو ميربحر ملاح
سو تڙ سرور شاھ مان ڪري "مننار" ڪي

22

مان ڪري "مننار" ڪي سوتڙ سرور شاھ
ڏسي ٿو ڏاتار جو اسم نام الله
افضل ابوجهن ڪي آهي رند رسولي راھ

## ساقي سرور شاھ آھي آب حيات جو

23

آھي آب حيات جو ساقي سرور گھوٽ
جتي واھ وحدت جو وھي چڙھندڙ چوٽان چوٽ
منگتا اور نہ موٽ وج تہ واصل تون ٿئين

24

چئو تون اللّٰه ھيڪڙو سمجھي سرت ساڻ
ذڪر پڙھڻ ذات جو آھي اجرڻ جو اُھجاڻ
تہ پارس منجھان پاڻ ھوند سجوئي سون ٿئين

25

راڳ ڪجي ڪلياڻ جو پلو منجھ راڳن
جنھن جي سوز سڻڻ سان ٽا جوش گھٽا جاڳن
مان مُني "مننار" چئي برھ ذرو پاڳن
موٽي جن ماڳن رم انھي راھ سان

26

ڪوٽ قصر قيد اچي آءٌ پياس
آءُ بندياڻي بند ۾ ھتي ھئين ٿياس
تن مارن ڪي "مننار " چئي وسري آءُ وياس
ڪرم ھيئن ڪياس جو تر مارو آءُ ماڙيئين

27

پھاڙي پريت ڪي ٿي سپ دم سڏاري
تنھن جي تند تنوار تون وجود ۾ واري
"مننار" پنھنجي من ۾ اُداس نر تئون نھاري
جو اندر اجاري سو صيقل ھڻ تہ صاف ٿئي

28

پهاڙي پياس يار جيءَ منهنجو من ماري كيو مج
دلبر دل كسي ويو كري سرير ۾ سج
اَٿم يار عجيب جي اكنڊ ۽ ڀي اُڃ
برهہ لائي يُنج مون مُئي سين "مننار" چئي

29

جيسي پياس پهاڙي راڳني ، تيسي پياس ميري من كي
لنئون صنم سون لڳہ رهي تار ميري تن كي
صورت سجن كي موهہ ڳئي "مننار" نون

30

جيسي پياس پهاڙي راڳني
تيسي پياس ميري من پاس
لنئون صنم سون لڳہ رهي تار طلب كي تاس
اڪ وار ملن كي آس مجكون" مننارو" كهي

31

كونسيو ڳاءِ قلب مان پنهنجو هوش كري هشيار
ركج انهي راڳہ تي اندر جو اعتبار
"مننار" پنهنجي من ۾ كر ويسهہ جو ويچار
تہ پريون پار سڪ سچائي جي ركين

32

روپ كري چئو راڳني قربئون كسوري
دلڙي ڏجان دوست كي سنت سموري
"مننار" تنهنجي من جي هوند پوءِ ٿئي پوري
اي مقصد منظوري مان ملئي محبوب كان

33

روپ ڪري ڇئو راڳني ڳاءِ تلنگ جي تان
هستي هئڻ وجود ۾ ڪاوڙ ڇڏ ڪان
پوءِ ”منثار“ محبت جو ماسو ملئي مان
عشق ملئي احسان مل سان ملي ڪينڪي

34

بروو ڳاءِ برهه مان جو وڏيل ويچارو
من اٿر وني ان راڳه مان من تئي ورهه وارو
محبت ري ”منثار“ چئي اٿئي مڙئي مونجهارو
چل وني چارو ، عشق جي آڌار سان

35

چئي ڪيڏارو ڪربلا جو ياد ڪجان تون ڏينهن
علي جي اولاد تي مرغ وني مينهن
موليٰ جو ”منثار“ چئي نبيهه ٿيڙن نينهن
سورهيہ سيد شينهن عاشق ٿيو الله جو

36

حسينيءَ جي حال مادر ماري آهيان
وسرن ڪين وجود مان جيڪي ڪيچي ويڙا ڪالهه
ريءَ محبوبن ”منثار“ چئي مون نہ گهرجن مال
ڇپر جهاڳي شال پسان مان پنهون ڪي

37

ڪوهيارل ڪيا ڪامڻ جادو جيءَ ۾
وسرن ڪين وجود مان جي هتان هوت ويا
مونکي سندن ”منثار“ پل پل پور پيا

هلنديس آءُ هِيا ويهنديس ڪين سرتين وچ ۾

38

ڪوهيارل ڪوري منهنجا جيرا جگر جدا ڪيا
لائي باھ برھ جي چت اندر چوري
مان مِلان "مننار" چئي ڏونگر سڀ ڏوري
وجان گهوٽ مٿان گهوري ، ڏيان سر سيج رڻ ۾ صدقو

39

آءُ سُتي هو هليا ڪشيو ڪيچيئڙن
اٿيس ويل عصر جي تہ هاجو ڪيو هوتن
مونکي گهٽيون "مننار" چئي اوقاتون اڇن
پڄاڻا پرين ڏيندس باھ پنيور کي

40

آهيان تنهن جي آسري جنهن جو جوڙيو جڳ جهان
ڪاهي ڏسنديس ڪيچ کي جو موچارو مڪان
پسان مان پنهوءَ کي جو سر ڪردو سلطان
سو آرياڻي اڳواڻ ، مان مُني "مننار" چئي

41

جبلڙا جواب ڏي آءُ تي پڇان ڏس
ڏونگرڙا ڏيڪار مون گهوٽ پنهل جو گس
جي آءُ مليس "مننار" چئي تہ توکي چوندس جس
ڪريان وجڻ سان وس ، پسان مان پنهون کي

42

سارنگ کي سنباھ ، لاءِ وسڻ ولائتن جي

پورپ ۽ پنجاب تي پلر کي پلٽاءِ
قابل ۽ ڪشمير تي ڪکرن کي ڪڙڪاءِ
ابر عربستان تي چڳي پيچ پڄاءِ
هاڻي هندستان جا پوتا پٽ پُساءِ
والي مينهن وساءِ موهر تي ”مننار“ چئي

43

سارنگ آيو سنيري ڪئي مينهن ملاري
چئو قبلہ ڪئين چيز ٿيا سبز زمين ساري
ڪيڙن ڪيٽ خوشيءَ مان حرص ڪيو هياري
آءُ پڻ اُجاري ريءَ محبوبن ”مننار“ چئي

44

سارنگ ڪر سينگار سڻي سدائون منهنجون
ڏيھ ڏڪاريا گهڻو سي هنڌ ڪر سڪار
رحمت سان راڄڙ چوي ڪجان ميگھ ملهار
سرهو ٿئي سنسار، جي وسي آب ابر جو

45

سورٺ ساز سڻ سان ، وسري مون ويئي
سڻندي سرير ۾ اچي پرت ڳنم پيئي
مرڪائي ”مننار“ چئي سو ڏان ڳنئي ڏيئي
مال مٿو بئي ملڪ تنهن جي منگتا

46

سورٺ ڪئين سوين ڪيون کي منٿون مگٽهار
تہ ڏيئين بدل ڏياج جي هيرا لعل جواهر
تڏهن منگتي ڪيو ”مننار“ چئي اتي پڻ انڪار
ڪيس ڏڙ سسيءَ ڪان ڏار ، مٿو ڪٽي موٽيو

47

بسنت راڳ بناءِ تون سمجهي سرت ساڻ
سپ سٽائون سڪ جون ثابت تون سجاڻ

”مننار“ موليٰ جي محبت ۾ پٽي ڪجاڻ پاڻ
عاشقن اهجاڻ ، ٿيا مٿل مٽيءَ خاڪ جي

48

ڪنيات چئي خيال سان ويهي ڪر واڪاڻ
تهڙو مورهون ناهي ملڪ ۾ جهڙو پين پاڻ
قمر مهتاب ”مننار“ چئي سڪن لاءِ سڄاڻ
سورج سنديس آڻ ، انئي پهر ادب ۾

49

پيلو راڳ پريت سان چگي يت چئيج
روپ انهي جي راڳني ڪري لات لئيج
تنهن معنيٰ ۾ ”مننار“ تون پٽي ٿئي پئيج
منجهان نياز نئيج ، عشق جي آواز ڪي

50

مانجه چئي تون مهل سر روپ ڪري چئو راڳ
سٽي جي سمجهي رهيا تن لڳو عشق اجهاڳ
موليٰ ريءَ ”مننار“ چئي ٻيو ڇڏ ملڪيت ماڳ
سندو تن سياڳ ، جي عاشق ٿيا الله جا

51

پوربيا پري ويا سامي سمجهائي
مادر ماري آهيان آئون سندن ڦوڙائي
الله آديسين ڪي من واحد ورائي
شل پير اچن پائي ، مون اڱڻ ”مننار“ چئي

52

جوڳ جوڳي دي نال ٽيسان مئين جيجل جوڳياڻي
ڪھ ٻن ڪيڙا جھنگ سياليان ڪھ پيڙھي ڏاڏاڻي
ويڪو ماهي ڇوڙي "مننار" آکي شاهي شاهاڻي
ڪيو مين هير نماڻي ، ڪيوين رانجھن مالڪ راڄ دا

53

جيئن جوڳ نماڻي راڳڻي تيئن عشق نماڻي هير
ميٺاقئون "مننار" چئي هئي طرف سندس تقدير
جڏهن فضل ڪيو فقير،تڏهن راجھن مليو رنگپور ۾

54

جيئن جوڳ نماڻي راڳڻي تئين هير نماڻي هوءِ
ڪي مشڪل جا ڏينھن "مننار" چئي هئي لاءِ جدائي جوءِ
تنهن وقت پڇاڻان پوءِ رانجھن رنگپور ۾ مليو

55

انهي ورھ مونکي ماءُ ! وڏو مامري
عشق يار عجيب جي چوري ڪيس چري
ريءَ ملڻ"مننار" چئي ويندي‍س مفت مري
ان ڳڻتي منجھ ڳري ، ويندي‍س ڪپي خاڪ ٿي
56
آسا ڪر الله جي جو ڏيڻ جو ڏاتار
آهي ڏيندڙ ڪُل ڪي ڏيھ ڏٺي هر وقت هروار
منگا سدا "مننار" تون سون سجاڻي ستار
تہ ڏسين ڪونہ ڏڪار ، جي در داتا جو نہ ڇڏين

57

آسا اباڻن ۾ اجان مون آهي

ڇيهئون ڇڏينديس ڪينڪي آسرو لاهي
جو عيبن ڀريل اولاد کي مائٽ نہ مارائي
تڏهين قيدون ڪيائي ، مارو نيئندم "مننار" چئي

58

آسا چئي الله کي ويهي ڪيرت ڪر
ڏهاڙي ڏاتار جي وڃ داتا جي در
متان ڇڏين "مننار" تون سا ڀينارن جي پر
گهُر تہ آڻين گهَرِ ماڻڪ موتي منگتا

59

ڳاءِ بلاول ٻان تي سڄاڻي سلطان
عالم جنهن جي آسري آهي جڳ جهان
تنهن محّمد کان "مننار" چئي منگتن لڌو مان
داتا وڻان دان ، ڀينو وڻي ڀُر تيا

60

ڀوَر کي چوء ڀيروي سنڀالي سرڪار
ڪل نفس ذائقت الموت نرتئون تون نهار
"مننار" معنيٰ تنهنجي وجود ۾ ويچار
هستي هئڻ هار ، رکي خوف خدا جو

62

چوء لوڙا لئولات سين جو ڦتيل منجھ فراق
وره جا وجود ۾ چور تہ چِڪنَئي چاڪ
محبت ۾ "مننار" چئي ڪئين مري ويا مُشتاق

خدا پرور پاڪ ، سڪندڙ سي سرها ڪري

62

چوءِ جهونگاري جهنگلو ڪري وجود ۾ ويچار
تہ ڪک پن ۾ ڪلتار سو صاحب رب ستار
"مننار" پنهن جي من جون اکيون ڪر اِظهار
تہ واحد توکان وار ، پرور پري ڪينڪي

63

وڻجارن جي واٽ ، نت نت ٿي نهاريان
انجي اچڻ لاءِ ، تي باسيم جاٽ
مونکي سندن "مننار" چئي آهي اُج اُساٽ
ڳوڙهن پريو ڳاٽ اکيون اوڏانهين کڻان

64

ليلان لولا ٽيون ڪري ٿي داسڙا تو در
تہ چنيسر ڄام چڱايون تون ڪامل مونسان ڪر
معافي ڪج "مننار" چئي مون منجهہ عيب اپر
آئون آهيان بي اثر ، تون ڏولا ڏولج ڪيم ڪي

66

راڻا ڪيم رسيج سوڏا سرت سڄاڻ تون
ڏکي عيب اسان جا ترسي تون تسيج
هن محلي ۾ "مننار" چئي وارث ٿي وسيج
ڪا ڏاهپ جي ڏسيج مت مومل ڪي ميندرا

67

مارئي ڪي ميان ، عمر! عيب مَ لاءِ تون
سنگهارن جي سٿ ۾ شل وڃي ٿر ٿيان
تن مارن سان ”منٺار“ چئي وڃي پسَ پيان
تہ جان ڪي تان جيان ، جي پنهوار ڪَنم پَنهن جي

68

مرڪ نہ مونهنجو سومرا جو عيش ڪريان آئون
ڪاڄ اسا جو ڪنپيون سنگرُ ۾سائون
تنهن مارون سان ”منٺار“ چئي لڏيم جت لائون
اُت مونکي چتاري چيائون تہ ريت مَ ڇڏج راڄ جي

69

ڏناسري جي ڏير منهنجو جيءَ جياريو
اسين اوهان جي آهيون دامن دستگير
متان ڇڏين ”منٺار“ چئي مونکي پلئہ لائج پير
منجهان سختيءَ سِير ، اڪارج احسان سان

70

ڏناسري نار ، ڇڏ يو چنيو ڪينڪي
واري گڏج وَڳ ۾ ، سنپاري سنگهار
منهني ڪج ”منٺار“ چئي پوئيواري پنهوار
هاڻي اچان تو آڏار ، پنهنجي وطن جي وٿاڻ ۾

71

بروو بندياڻي آئون قسمت قيد ڪياس
لڪئي لوح قلم جي پياريم پاڻي

ماروُ ٽيندم ”مننار“ چئي سختي ۾ ساڻي
ننگڙو سجاڻي ، وٺي ويندم ويڙهه ۾

72

چئي پرياتي جو پنهنجي ڪج پروڙ
اٿي اور اللّٰه سان ڇڏي ٻيا ضرور
سچ ملندئي ”مننار“ چئي ڪم نہ ايندئي ڪوڙ
آتڻ منجهہ اروڙ ، سٺ صافن ڦولهيا

73

چئي صبحڙو صبح جو ذڪر دليئون زبان
فاذڪروني اذڪرڪم فرمايو فرقان
ايءَ معنيٰ پڙهہ ”مننار“ تون اهو ڪوڙ نہ منجهہ قرّان
وسهي ساڻ ايمان ، واحد وسارج ڪينڪي

74

چئي ڪانرو قلب سان صاحب رب سڃاڻ
تہ ساري دل صفا ٿئي هوند ذڪر ذاتيء ساڻ
”مننار“ محبت رب جي آهي اُجرڻ جو اهڃاڻ
تنهن پارس جو پرياڻ جنهن لڪ مڻ لوهہ جا سون ڪيا

75

سڙن سدا سڪ سوز ۾ محب تنهنجا مشتاق
وڍيا جي وهلور ۾ نت چير چڪائن چاڪ
ماريا سي ”مننار“ چوي تن جي ڦوڙائي ڦراڪ
اچين جي اوطاق ، تہ سورن ڪان سگهي ٿيا

76

سڪندي سڪندي سڙ رهيا
ميڪون سڪندي ٿي ڳيا سال

سڻ عرض ميڏيان آزيان ڪروي پلائي پال
سڻ اسان ڏا سوال مج عرض"مننار" دا

77

جئين نوازي نوري ڪيءِ ، متي مهاڻي
مونکي تيئن تماچي ڄام ، رنگ محفل ۾ رساڻي
پنهنجي پلئہ ۾ آئون ، لائق لڄاڻي
ڏي پلئہ تہ پاڪ ٿئي وجي نوري نماڻي
لائق تنهنجي لطف جو ، پرو ناهه پڄاڻي
اڇي نواز تہ ٿيان نئين ، نہ تہ پاند پُراڻي
جيڪا توکي تماچي وڻي ، آهي اُها اگهاڻي
نيئي راڻين ۾ راڻي،مونکي من ڪرين"مننار" چئي

دعائن جو طلبگار خير محمد ولد حاجي فيض محمد هنگورجو ڪپرو
Khair_sindh@yahoo.com